SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LIII OF 1984

سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 5A جو واڌارو

Insertion of Section 5A in Sindh Ordinance IX of 1970

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of Sindh Ordinance IX of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.LIII OF 1984

سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ وقف ملیکتون آرڈیننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڻايل آرڈیننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 5 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعه شامل کيو ويندو:	1979 جي سنڌ آرڈیننس IX جي دفعه 5A جو واڌارو
"5A ايڈمنسٽريٽر، ڊپٽي ايڈمنسٽريٽر ۽ عملدار مسلمان هئڻ گهرجي.	Insertion of Section 5A in Sindh Ordinance IX of 1970
کو به شخص هن آرڈیننس تحت ايڈمنسٽريٽر، ڊپٽي ايڈمنسٽريٽر يا عملدار مقرر نه کيو ويندو، جيستائين اهو مسلمان نه هجي ۽ اهڙي لياقت نه رکندو هجي، جيڪا بيان کئي وئي هجي."	
3. ڇاڻايل آرڈیننس جي دفعه 7 ۾، ذيلي دفعه (2) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل کيو ويندو:	1979 جي سنڌ آرڈیننس IX جي دفعه 7 جي ترميم
"(3) ذيلي دفعه (1) تحت جاري کيل نوٽيفڪيشن مئنيجمينٽ يا متولي طرفان تعميل ڪرايو ويندو، جيئن به معاملو هجي، ۽ ان جي ڪاپي جيڪا نوٽيفڪيشن ۾ ڇاڻايل هوندي، اها ڪنهن مخصوص هنڌ تي لڳائي ويندي."	Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979
4. (i) ڇاڻايل آرڈیننس ۾، دفعه 16 جي شروعات ۾ لفظن "حڪومت ڪري سگهي ٿي" کان اڳ لفظ ۽ ڪاما "دفعه 15 جي ذيلي دفعه (2) جي گنجائشن موجب،" شامل کيا ويندا.	1979 جي سنڌ آرڈیننس IX جي دفعه 16 جي ترميم
(ii) دفعه 16(g) ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن سان بدلايو ويندو ۽ ان	Amendment of Section 16 of

Sindh Ordinance IX of 1979

ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ملڪيت جي وڪري ڪانپوءِ، اها ملڪيت ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ڪتب نہ آندي ويندي، سواءِ ان جي تہ ان مان وقف جو مقصد پورو ٿو ٿئي ۽ ان بابت اهڙو اطمينان ٿئي ٿو."

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.